SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 2012

SINDH ACT NO.XVI OF 2012

حبيب يونيورسٽي ايڪٽ، 2012

THE HABIB UNIVERSITY ACT, 2012

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب I_

شروعاتي

(PRELIMINARY)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

باب II_

يونيورسٽي

(THE UNIVERSITY)

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the University

باب III_

يونيورسٽي جا عملدار

(OFFICERS OF THE UNIVERSITY)

5. يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the University

6. سرپرست
The Patron

7. معائنو
Visitation

8. چانسيلر
The Chancellor

9. صدر
President

10. صدر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the President

11. پرووسٽ
Provost

12. رجسٽرار
Registrar

13. ماليات جو ڊائريڪٽر
Director of Finance

14. ممتحن
Controller of Examinations

15. انٽرنل آڊيٽر
Internal Auditor

باب ـ IV

يونيورسٽي جون اختياريون

(AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY)

16. اٿارٽيز

Authorities

17. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

18. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

19. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

20. اڪيڈمڪ ڪائونسل

Academic Council

21. اڪيڈمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

باب ـ V

قانون، ضابطا ۽ قاعدا

(STATUTES, REGULATIONS AND RULES)

22. استيچوٽس

Statutes

23. ضابطا

Regulations

24. استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations
25. قاعدا
Rules

باب VI_
يونيورسٽي فنڈ
(THE UNIVERSITY FUND)

26. يونيورسٽي فنڈ، آڈٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

باب VII_
عام گنجائشون
(GENERAL PROVISIONS)

27. ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service
28. پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڈ ۽ بينيوولينٽ فنڈ
Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund
29. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities
30. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي پرتي
Filling of Casual Vacancies in authorities
31. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authorities
32. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, Functions and Powers of other authorities

33. اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Committee by the Authority
34. فرسٽ استيچوٽس
First Statutes
35. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
36. اٿارٽيز جون ڪارروايون ۽ آسامين سبب غير موثر ٿيڻ
Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies
37. دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction
38. ضمانت
Indemnity

فرسٽ استيچوٽس
The First Statutes
(ڏسو دفعہ 45)

1. فيڪلٽيز
Faculties
2. بورڊ آف فيڪلٽيز
Board of Faculties
3. ڊين
Dean
4. تدريسي شعبو
Teaching Department
5. بورڊ آف اسٽڊيز
Board of Studies

6. اعلیٰ مطالعن ءٍ تحقیق جو بورڈ
Board of Advanced studies and Research
7. سلیکشن بورڈ
Selection Board
8. مالیات ءٍ منصوبابندي کمیٹي
The finance and Planning Committee
9. نظم و ضبط کمیٹي ءٍ ان جا کم
Discipline Committee and its functions
10. الحاق کمیٹي
Affiliation Committee

سنڌ ايڪٽ نمبر XVI مجريہ 2012
SINDH ACT NO.XVI OF 2012
حبيب يونيورسٽي ايڪٽ، 2012
THE HABIB UNIVERSITY ACT, 2012
فهرست (CONTENTS)

[8 آڪٽوبر 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ۾ حبيب يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ۾ حبيب يونيورسٽي جو قيام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت جوڙڻ عمل ۾ آندو ويندو:

باب I

شروعاتي

باب I
شروعاتي
PRELIMINARY

PRELIMINARY

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي حبيب يونيورسٽي ايڪٽ، 2012 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "الحاق شده ڪاليج" مطلب يونيورسٽي سان

الحاق ٿيل ڪاليج پر جيڪو ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ وڃي؛

(c) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 16 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛

(d) "بورڊ" مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛

(e) "چيئرمين" مطلب تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(f) "چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛

(g) "ڪاليج" مطلب هڪ ڪاليج جنهن ۾ شامل آهي ادارو جنهن ۾ عام، فني پروفيشنل تعليم يا پين اعليٰ سکيا ۽ پين مضمونن ۾ تعليم ڏني وڃي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(h) "ڊين" مطلب فيڪلٽي جو سربراهہ؛

(i) "ڊائريڪٽر" مطلب تدريسي يا انتظامي ڊويزن يا اداري جو هيڊ؛

(j) "فيڪلٽي" مطلب يونيورسٽي ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ تدريسي شعبن تي ٻڌل اڪيڈمڪ ڊويزن؛

(k) "فائونڈيشن" مطلب حبيب فائونڈيشن، پاڪستان ۾ گارنٽي انڪارپوريٽيڊ طرفان ڪمپني لميٽيڊ ۽ جيڪا ڪراچي ۾ رجسٽرڊ آهي ۽ ان کي ڪمپني آرڊيننس، 1984 جي دفعہ 42 تحت لائسنس ڏنل هجي؛

(l) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(m) "عملدار" مطلب دفعہ 5 ۾ ڄاڻايل يونيورسٽي جي عملدارن مان ڪو هڪ؛

(n) "سرپرست" مطلب يونيورسٽي جو سرپرست؛

(o) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(p) "صدر" مطلب يونيورسٽي جو صدر؛

(q) "پروفيسر اميريٽس" مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور ڪم ڪري رهيو هجي؛

(r) "پرووسٽ" مطلب يونيورسٽي جو پرووسٽ؛

(s) "رجسٽرار" مطلب يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار؛

(t) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.

(u) "تدريسي شعبو" مطلب يونيورسٽي جو پڙهائي وارو شعبو؛

(v) "استاد" مطلب ڪل وقتي استاد جهڙوڪ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي استاد طور واضح ڪيا وڃن؛

(w) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل حبيب يونيورسٽي؛

باب _II

يونيورسٽي

THE UNIVERSITY

باب _II
يونيورسٽي
هيئت
Incorporation

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي حبيب يونيورسٽي سڏيو ويندو، جيڪا چانسيلر، صدر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جي چيئرمين ۽ بورڊ جي ميمبرن اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ اهڙن ٻين

عملدارن تي مشتمل هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي حبيب يونيورسٽي جي نالي سان فائونڊيشن جي مالڪي هيٺ هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڇاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) يونيورسٽي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ليز تي وٺڻ، وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

(4) يونيورسٽي هر ڪنهن مذهب جي هر ڪنهن جنس سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل هوندي، انهن جو تعلق پل ڪهڙي به جنس، ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ ڪنهن به شخص کي اهڙي بنياد تي داخلا کان منع نه ڪيو ويندو.

(5)يونيورسٽي ڪمپس يا ڪيمپسز جوڙڻ لاءِ اپاءَ وٺندي.

4. يونيورسٽي هڪ خودمختيار بادي هوندي ۽ ان کي هيٺيان اختيار هوندا:

(a) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تعليم مهيا ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ

يونيورسٹي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the

گنجائشون جوڑڻ، جيئن اها طئي ڪري، بشرطيڪ ميڊيسن جي فيڪلٽي پاڪستان ميڈيڪل اينڈ ڊينٽل ڪائونسل جي گھرجن موجب قائم ڪئي ويندي؛ (b) پنھنجو الحاق ڪرڻ يا ٻين ادارن جو الحاق ڪرڻ ۽ تعليم جي بھتري لاءِ پنھنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ؛ (c) پڙھائي جا ڪورس ۽ نصاب بيان ڪرڻ؛ (d) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انھن ماڻھن کي جن ڇاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي ھجي ۽ امتحان پاس ڪيا ھجن انھن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛ (e) ڇاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻھن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛ (f) سکيا جي ڪنھن ھڪ يا سمورين شاخن ۾ فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ ٻين فيڪلٽيز کي تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ سھڪار ڪرڻ؛ (g) تعليمي ادارن جو الحاق ڪرڻ يا الحاق ختم ڪرڻ ۽ الحاق ٿيل يا الحاق چاھيندڙ ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي ادارن جي جاچ پڙتال ڪرڻ؛ (h) ٻين يونيورسٽيز ۽ پبلڪ اٿارٽيز سان اھڙي معاملي ۽ اھڙن مقصدن لاءِ سھڪار ڪرڻ، جيئن اھا طئي ڪري؛ (i) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس،	University

اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آسامیون پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهو مقرر ڪرڻ جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(j) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آسامیون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(k) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، برسريز، ميڈلس ۽ انعام قائم ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(l) يونيورسٽي جي شاگردن جي رهائش جو انتظام ڪرڻ، رهائش جا هالس ناهڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(m) يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(n) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(o) ٽيڪن ۾ شامل ٿيڻ، هلائڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(p) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(q) سکيا جي شاخن ۾ اهڙي تحقيق ڪرڻ جيئن اها

ٻين سکيا ڏيندڙ تي مثبت اثر وجهي؛

(r) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛

(s) تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين لاءِ مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري؛

(t) اهڙا عملدار ۽ عملو مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ عملي جا شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون متعين ڪرڻ؛

(u) تعليمي معيارن جي بهتري لاءِ ٻين ادارن سان تعليمي رابطا قائم ڪرڻ ۽ سهڪاري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ؛ ۽

(v) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

باب _III

يونيورسٽي جا عملدار

OFFICERS OF THE UNIVERSITY

باب _III
يونيورسٽي جا عملدار
يونيورسٹي جا عملدار
Officers of the University

5. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

(a)سرپرست؛

(b) صدر؛

(c) پرووسٽ؛

(d) ڊينس؛

(e) ڊائريڪٽرس؛

(f) تدريسي شعبن جو چيئرمين؛

(g) رجسٽرار؛

(h) مالیات جو ڈائریکٹر؛

(i)ممتحن؛

(j) انٹرنل آڈیٹر؛

(k) لائبریرین؛ ۽

(l) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي يونيورسٽي جي عملدار طور بيان ڪيو ويو هجي.

سرپرست
The Patron

6. (1) سنڈ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.

(2) سرپرست، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

معائنو
Visitation

7. (1) سرپرست يونيورسٽي سان لاڳاپيل معاملن سان ڪنهن به مسئلي جي سلسلي ۾ معائنو يا جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت هدايت ڪندو ۽ ڪو ماڻهو يا شخصيتون هيٺين معاملن جي جاچ يا چنڊچاڑ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو:

(a)يونيورسٽي، ان جي عمارت، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛

(b)ڪو ادارو، شعبو يا يونيورسٽي جي هٽ هيٺ هاسٽل؛

(c)مالي ۽ افرادي وسيلن جي موزونيت؛

(d)تدريس، تحقيق، نصاب، امتحان ۽ ٻيا يونيورسٽي جا معاملا؛ ۽

(e)اهڙا ٻيا ڪي معاملا جيئن سنڈس طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(2)سرپرست بورڊ سان رابطو ڪندو ۽ پنهنجي معائني جي نتيجي جي حوالي سان پنهنجا خيال وندبيندو ۽

لاڳاپيل بورڊ جي راءِ کانپوءِ، ان سلسلي ۾ هن طرفان قدم کنيو ويندو.

(3) بورڊ، اهڙي وقت دوران، جيڪو سرپرست طرفان بيان ڪيو ويو هجي، کيس اهڙو قدم کڻڻ جو مشورو ڏئي سگهي ٿو، جيڪڏهن ڪو هجي، جيڪو کنيو ويو هجي يا معائني جي نتيجي بعد کنيو وڃڻو هجي.

(4) جتي بورڊ بيان ڪيل وقت دوران سرپرست کي مطمئن ڪندڙ ڪو قدم نه کڻي، تہ سرپرست اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيڪي اهو مناسب سمجهي ۽ لاڳاپيل بورڊ اهڙين سمورين هدايتن تي عمل ڪندو.

چانسيلر
The Chancellor

8.(1) چانسيلر هڪ نامياري شخص هوندو، جيڪو جاڻ جي ميدان ۾ معاشري جي خدمتن طور جاتل سڃاتل هوندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ علمي بيهڪ رکندڙ طور پسنديده هوندو.

(2)ذيلي دفعہ (1) موجب فائونڈيشن جو چيئرمين يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو، جيڪو فائونڈيشن طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن اها طئي ڪري.

(3)چانسيلر سرپرست جي غير موجودگيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(4)اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ هر تجويز جي چانسيلر کان تصديق ڪرائي ويندي.

(5) چانسيلر ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهڙو

شخص:

(a) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو، يا

(b) ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو، يا

(c) جنهن کي پاڪستان جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.

(6) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانونن، ضابطن يا قاعدن موجب نه آهن ته، اهو اهڙي اٿارٽي کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو ته ڇو نه اهڙين ڪارروائين کي ختم ڪيو وڃي، لڪت ۾ حڪم ذريعي اهڙي ڪارروائي کي ختم ڪري سگهي ٿو.

(7) چانسيلر جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، صدر يا بورڊ طرفان بااختيار ٻڌايل ڪو شخص چانسيلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون ۽ ڪم سرانجام ڏيندو.

(8) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ لاءِ معائنو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.

(9) چانسيلر، ذيلي دفعه (6) تحت رپورٽ ملڻ ڪانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ صدر اهڙين هدايتن تي بورڊ ذريعي عمل ڪندو.

صدر | 9.(1) صدر، چانسيلر طرفان بورڊ جي سفارش تي ڇڻ

President

سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو جيڪو چانسيلر جي صوابديد سان وڌيڪ وڌي سگھي ٿو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن صدر جو عهدو خالي هوندو يا صدر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري تہ چانسيلر صدر جون ذميواريون نيائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

صدر جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the President

10.(1) صدر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي هدايتن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پاليسيز ۽ پروگرامن تي عملدرآمد ڪرڻ جو ذميدار هوندو.

(2) صدر، چانسيلر جي غير حاضري ۾، اهڙين اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو، جن جو چانسيلر چيئرمين آهي.

(3) صدر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگھي ٿو، جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگھي، سندس قدم بابت عملدار اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو، جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، صدر کي اهي

	اختيار پڻ حاصل هوندا تہ: (a) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۾ پرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ هجي؛ (b) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيہ مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛ (c) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ جيئن بورڊ طرفان طئي ڪئي يا ٻيهر نظرثاني ڪئي وئي هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛ (d) پيپرس، گريڊس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي؛ (e) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛ (f) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛ (g) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن کي هجن، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن منجهان کي اختيار منتقل ڪرڻ؛ ۽ (h) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.
پرووسٽ	11. (1) پرووسٽ اڪيڈمڪ ۽ تحقيقي پروگرام جي

سموري ذميواري سان گڏ يونيورسٽي جو چيف اڪيڈمڪ آفيسر هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن بورڊ طئي ڪري.	Provost
(2) پرووسٽ کي اسٽيچوٽس، ضابطن ۽ قاعدن موجب هيٺيان اختيار هوندا:	
(a) هدايت، تربيت، تحقيق، مشاهدي ۽ خدمت جي پروگرامن مڪمل ڪرڻ سان جڙيل سرگرمين کي هلائڻ؛ ۽	
(b) پڙهائي، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل اهڙا اسائنمينٽس ڪرڻ لاءِ استادن کي هدايت ڪرڻ؛	
(c) لاڳاپيل اٿارٽيز کان نالن جا پينلس ملي وڃڻ کانپوءِ يونيورسٽيءَ جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛ ۽	
(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ ۽ اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.	
12. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن بورڊ طئي ڪري.	رجسٽرار Registrar
(2) رجسٽرار هي ڪم ڪندو:	
(a)يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعيلمي رڪارڊس جو سنيالينڊڙ هوندو.	
(b)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.	
13. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل	مالیات جو ڊائريڪٽر

Director of Finance

وقتي عملدار هوندو ۽ بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو. جيئن بورڊ طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر آف فنانس هي ڪم ڪندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، مالیات ۽ سيڙپڪاري سنياليندو؛

(b) يونيورسٽي جي سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي مالیات ڪميٽي ۽ بورڊ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها پڪ ڪندو ته يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن؛ ۽

(d) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

14. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

انترنل آڊيٽر
Internal Auditor

15. انترنل آڊيٽر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي فنڊ مان سمورين ادائگين جي انترنل آڊٽ جو ذميدار هوندو.

باب _ IV

يونيورسٽي جون اٿارٽيز

AUTHORITIES OF THE UNIVERSITY

باب _ IV

16. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:	يونيورسٽي جون اختياريون اٿارٽيز Authorities
(a) بورڊ آف گورنرس؛	
(b) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛	
(c) فيڪلٽيز جا بورڊس؛	
(d) بورڊ آف اسٽڊيز؛	
(e) سليڪشن بورڊ؛	
(f) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛	
(g) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛	
(h) ڊسيپلين ڪميٽي؛	
(i) الحاق ڪميٽي؛ ۽	
(j) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن استيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	
17.(1) بورڊ آف گورنرس هيٺين تي مشتمل هوندو:	بورڊ آف گورنرس Board of Governors
(a) چانسيلر، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو؛	
(b) صدر؛	
(c) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛	
(d) چيئرمين، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛	
(e) پرووسٽ؛	
(f) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛	
(g) فائونڊيشن طرفان چار بهترين ميرٽ رکندڙ ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؛	
(h) مختلف نظم و ضبط ۾ شعبن سان تعلق رکندڙ چئن	

نالیوارن ماڻهن کي چانسيلر طرفان صدر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو.

(2) رجسٽرار بورڊ جي سيڪريٽري طور ذميواريون نيائيندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو. ۽ مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

(4) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا سبب ڄاڻائڻ يا موڪل جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

18.(1) بورڊ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو ۽ گورننگ باڊي هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ استيچوٽس موجب، يونيورسٽي جي انتظام سميت سمورن معاملن جي عام نظرداري ڪندو.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت ۽ هن ايڪٽ ۽ قانونن جي گنجائشن سان تضاد کانسواءِ، بورڊ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(b) لاڳاپيل ڪميٽيز جي مشوري تي فنانسز اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي سيڙپ کي سنياڻڻ ۽ هلائڻ ۽ ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽس مقرر ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(c) سالياني ۽ نظرثاني ٽيل بجيٽ جي ڪاٽن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ فائونڊيشن کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڊ مان ٻئي ڏانهن فنڊس کي ٻيهر ونڊڻ ورچڻ؛

(d) يونيورسٽي طرفان منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي کي قبول ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(f) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(g) ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ يا ملڪيت جي منتقلي جو انتظام ڪرڻ ۽ يونيورسٽي کي مليل گرانٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين حصن جو انتظام ڪرڻ؛

(h) ڄاڻايل مقصدن لاءِ يونيورسٽي جي نيڪال وقت رکيل ڪن فنڊس جو انتظام ڪرڻ؛

(i) طريقو طئي ڪرڻ، تحويل ۾ ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر کي استعمال ۾ آڻڻ؛

(j) يونيورسٽي جا ڪم جاري رکڻ لاءِ عمارتون، لائبريريز، احاطا، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ ٻيون گهربل شيون فراهم ڪرڻ؛

(k) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنيالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(l) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون ٽيچنگ جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛

(m) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(n) استادن، عملدارن ۽ اهڙن ٻين ڪيڊرن تي سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي مقرريون ڪرڻ، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي؛

(o) نامياريا ۽ منفرد پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(p) بيان ڪيل شرطن موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل جي سفارش تي اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(q) عملدارن، استادن ۽ يونيورسٽي جي ٻين ملازمن جون ذميداريون متعين ڪرڻ؛

(r) عملدارن (سواءِ صدر جي)، استادن ۽ ٻين ملازمن کي چاٽايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(s) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(t) چانسيلر کي پيش ڪرائڻ لاءِ اسٽيچوٽس تجويز ڪرڻ؛

(u) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تي غور ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛ بشرطيڪ بورڊ پنهنجي

طور تي هڪ ضابطو جوڙي سگهي ٿو ۽ اڪيڈمڪ ڪائونسل سان مشوري ڪانپوءِ ان کي منظور ڪري سگهي ٿو.

(v) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ خاص طور تي جيڪي هن ايڪٽ ۽ اسٽيچوٽس ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن؛

(w) پنهنجا کي بہ اختيار اٿارٽي يا آفيسر يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي سونپڻ؛ ۽

(x) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن يا جيڪي اسٽيچوٽس تحت سونپيا وڃن.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

19.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا گڏجاڻي ڪندو، اهڙين تاريخن تي جيڪي صدر طرفان طئي ڪيون ويندیون؛ بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن بہ وقت چانسيلر جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي چئن کان گهٽ نہ هجن، ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي.

(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ نوٽيس ڏهن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندو، نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڈا محدود ڪئي ويندي فقط ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.

(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر ڀڳي ويندي.

(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن تہ بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو، جيڪو استعمال ڪندو.

(5) ذيلي دفعہ (3) موجب، بورڊ جا ميمبر بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪنهن رابطي جي اوزار وسيلي حصو وٺي سگهن ٿا ۽ ميمبر گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ سمجهيا ويندا.

(6) بورڊ جي ميمبرن جي اڪثريت طرفان صحيح ڪيل لکت نمراءُ ڪارگر ۽ موثر سمجهيو ويندو، جڏ اهو مڪمل طور گهرايل يا جوڙيل گڏجاڻيءَ ۾ پاس ڪيو ويو هجي.

اڪيڈمڪ ڪائونسل
Academic Council

20. (1) اڪيڈمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:

(a) صدر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) پرووسٽ؛

(c) ڊينس؛

(d) اميرينس ۽ نامياراپروفيسرس يونيورسٽي جي پروفيسرس سميت؛

(e) تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(f) ٽي نالياوارا ماڻهو جيڪي عالمي سطح تي پنهنجي معاشري جي خدمت يا شعبي جي اڳواڻيءَ ۾ انٽيليڪچوئل ڪيليبر سبب جاڻل سڃاتل هوندا، اهي چانسيلر طرفان بورڊ جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛

(g) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(h) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندا ۽ ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندا.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن هو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٹارٿي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا غير حاضري جي موڪل کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٹارٿي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) اڪيڈمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي هڪ ٻاڱي ٽي برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

اڪيڈمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

21.(1) اڪيڈمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڈمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۾ قانونن موجب، جي تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ، ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) بورڊ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(c) بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ تنظيم سازي لاءِ اسڪيمون

آڇڻ؛

(d) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(e) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب بہ هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڇاڪاڻ تاريخ تائين وصول نہ ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن.

(f) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(g) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(h) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

باب _V

استيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

STATUTES, REGULATIONS AND RULES

باب _V
قانون، ضابطا ۽ قاعدا
استيچوٽس
Statutes

22. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، چانسيلر، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ استيچوٽس جوڙي/نافذ ڪري سگهي ٿو يعني:

(a) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽

ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پروويڈنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ پين لاڳاپيل فائدن لاءِ؛

(b) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛

(c) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ پين اڪيڈمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(d) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(e) شرط جن تحت يونيورسٽي پين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان تدريس، تحقيق ۽ پين عالماڻين سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(f) پروفيسرز اميريٽس ۽ نامور پروفيسرز جي مقرري جون شرطون؛

(g) اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(h) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت جي ڪاٿي ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي لاءِ معيار؛

(i) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(j) هن ايڪٽ تحت پيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو، جيڪو بورڊ کي ٻيهر غور لاءِ واپس اماڻي سگهي ٿو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي قبول ڪرڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو بہ قانون موثر نہ هوندو جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

ضابطا Regulations

23. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۾ قانون موجب هينين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(a) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلومان ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(b) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(c) شرطون جن تحت شاگردن کي داخلا ڏني ويندي ۽ ڊگرين، ڊپلومان ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل هوندا؛

(d) امتحان منعقد ڪرڻ؛

(e) يونيورسٽي جي ڪورسز آف اسٽڊي ۽ امتحانن لاءِ شاگردن طرفان ادا ٿيندڙ فيس ۽ ٻيون لاڳتون؛

(f) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط؛

(g) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس اوگاڙڻ جي؛

(h) هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(i) شرط جن تحت ڪنهن شخص کي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد تحقيق جاري رکڻ ڏني ويندي؛

(j) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، ميڊلز ۽ انعام ڏيڻ؛

(k) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسسٽنٽ شپس ڏيڻ؛

(l) اڪيڈمڪ ڪاسٽيومس؛

(m) لائبريري جو استعمال؛

(n) تدريسي شعبن ۾ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛

(o) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) اڪيڈمڪ ڪائونسل طرفان ضابطا جوڙيا ويندا ۽ اهي بورڊ کي پيش ڪيا ويندا جيڪو انهن کي منظور ڪندو يا منظوري کانسواءِ يا انهن کي واپس اڪيڈمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اماڻيندو.

(3) ڪو به ضابطو تيستائين موثر نه هوندو جيستائين ان جي بورڊ طرفان منظوري نه ڏني وڃي.

24. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ٺاهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations

25. (1) اختياريون ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون؛

بشرطيڪ بورڊ ٻي ڪنهن اختياري يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن به قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو.

بشرطيڪ وڌيڪ ته جيڪڏهن اهڙي اختياري يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نه آهي ته اها فائونڊيشن کي

قاعدا

Rules

اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۾ ضابطن ۾ بيان نه ڪيا ويا هجن.

باب _VI

يونيورسٽي فنڊ

THE UNIVERSITY FUND

باب _VI

يونيورسٽي فنڊ

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

The University Fund, Audit and Accounts

26.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

(2) بنيادي ۽ اڪثر ڪري يونيورسٽي جو خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي خرچ هلايو ويندو.

(3) ڪا به مدد، چندو يا گرانٽ جيڪا سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪا فوري طور يا ان جي نتيجي ۾ يونيورسٽي تي مالي ذميداري وجهي، يا جيڪا وقتي طور پروگرامن کان ٻاهر سرگرمين ۾ شامل هجي اهڙي رقم بورڊ جي اڳواٽ منظوريءَ ڪانسواءِ قبول نه ڪئي ويندي.

(4) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنياليا ويندا جيئن بورڊ طئي ڪري ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ انهن جي آڊٽ

بورڊ طرفان مقرر ڪيل چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان ڪئي ويندي.

(5) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(6) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي تہ آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان جي اداري جي تصديق موجب جوڙي آهي.

باب _VII
عام گنجائشون

GENERAL PROVISIONS

باب _VII
عام گنجائشون

27. يونيورسٽي جو ڪو ملازم ملازمت تان اهڙي عمر تي رٽائر ڪندو جيئن استيچوٽس ۽ ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ملازمت تان رٽائرمينٽ
Retirement from Service

28. (1) يونيورسٽي ملازمن جي پلائي لاءِ ۽ شرطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ قائم ڪندي جيئن اها مناسب سمجهي.

پينشن، انشورنس، گريچوئٽي، پرووِيڈنٽ فنڊ ۽ بينيوولينٽ فنڊ
Pension, insurance, Gratuity, Provident Fund and Benevolent Fund

(2) جتي ڪو پرووِيڈنٽ فنڊ هن ايڪٽ تحت قائم ڪيو ويو هجي، پرووِيڈنٽ فنڊس ايڪٽ، 1925 جون گنجائشون اهڙي فنڊ تي لاڳو ٿيندیون.

29. جڏهن نئين جوڙيل اثارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جا شرط، جيئن هن

اثارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جي مدي جي

ايڪٽ تحت طئي ڪيا ويا آهن، اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿيندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

شروعات
Commencement of term of office of members of Authorities

30. (1) ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي کي، ان شخص يا بادي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي پريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي پرتي
Filling of Casual Vacancies in authorities

بشرطيڪ جتي اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جي، اها ان سبب جي ڪري پري نہ ويندي تہ ميمبر ايڪس آفيشو هيو ۽ آسامي ختم ڪئي وئي هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا بي بادي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم کان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن بئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت پري ويندي جيئن چانسيلر بورڊ جي سفارش تي هدايت ڪري.

(2) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن هو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا غير حاضري جي موڪل کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

31. (1) جيستائين ڪجھ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو جيڪڏهن هن پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪيو هجي، جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي. (2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو تہ معاملو چانسيلر، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ يا هاءِ ڪورٽ جو جج، جيڪو بورڊ جو ميمبر آهي ۽ چانسيلر جو نامزد ڪيل ماڻهو تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.	اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار Disputes about membership of Authorities
32. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جن لاءِ خاص گنجائش ناهي يا هن ايڪٽ تحت اڻپوري گنجائش آهي، اها ايئن هوندي جيئن استيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.	ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار Constitution, Functions and Powers of other authorities
33. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل، ڪائونسل يا ٻيون اٿارٽيز اهڙيون استينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيز مقرر ڪري سگهن ٿا، جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهن.	اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري Appointment of Committee by the Authority
34. جيستائين ڪجھ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، شيڊول ۾ جوڙيل استيچوٽس ايئن سمجهيا ويندا جيئن	فرسٽ استيچوٽس First Statutes

دفعہ 22 تحت استيچوٽس جوڙيا ويا آهن ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا انهن کي هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون استيچوٽس سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

35. جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ جي هن ايڪٽ تحت لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش جي عمل درآمد ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

اٿارٽيز جون ڪارروايون ۽ آسامين سبب غير موثر ٿيڻ
Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies

36. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، نهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

دائره اختيار تي پابندي
Bar of Jurisdiction

37. هن ايڪٽ تحت سڀني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

38. هن ايڪٽ تحت سڀني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

شيڈول
پهريان قانون
(ڈسو دفعہ 34)

فرسٹ استيچوٹس
The First Statutes
(ڈسو دفعہ 45)

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:

فيڪلٽيز
Faculties

(a) سائنس جي فيڪلٽي؛

(b) هيلٿ ۽ ميڈيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(c) انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛

(d) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛

(e) آرٽس جي فيڪلٽي؛

(f) زراعت ۽ زرعي انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛

(g) وٽرنري ميڈيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(h) مئنيجمينٽ سائنسز جي فيڪلٽي؛

(i) قانون جي فيڪلٽي؛

(j) فارميسي جي فيڪلٽي؛

(k) فيشن ڊزائيننگ جي فيڪلٽي؛

(l) هيومنٽيز ۽ سوشل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(m) ماس ڪميونيڪيشن جي فيڪلٽي؛

(n) متبادل توانائي جي فيڪلٽي؛

(o) ٻي ڪا فيڪلٽي جيئن استيچوٹس ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(2) هر فيڪلٽي ۾ اهڙو ادارو، تدريسي شعبو، مرڪز يا ٻيا تدريسي ۽ تحقيقي يونٽس شامل هوندا، جيئن اداري بيان ڪيا هجن.

بورڊ آف فيڪلٽيز

2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو

مشتمل هوندو:

(a) ڊينس؛

(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جو هڪ ميمبر، لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽

(d) ٽي استاد اڪيڈمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي حوالي نه ڪيا ويندا، جن کي اڪيڈمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ فيڪلٽي حوالي ڪيل مضمونن تي خاص عبور حاصل هوندو.

(2) شقن (c) ۽ (d) جي ذيلي شق (1) ۾ ڄاڻايل ميمبرس ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.

(4) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڈمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب، اختيار حاصل هوندا:

(a) فيڪلٽي کي سونپيل مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق بابت مربوط ڪرڻ؛

(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي مشاهدي سان گڏ اڪيڈمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي چنڊ چاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحن جي، جن جي جاچ پڙتال صدر ڪندو.

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

ڊين
Dean

3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرمين هوندو ۽ صدر طرفان پرووسٽ جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو.

(2)ڊين ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو.

(3) ڊين فيڪلٽي ۾ ايندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي، داخلا لاءِ اميدوار چانسيلر کي پيش ڪندو.

(4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

تدريسي شعبو
Teaching Department

4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو، جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرمين سربراهه هوندو.

(2) تدريسي شعبي جو چيئرمين صدر طرفان پرووسٽ جي سفارش تي مقرر ڪيو ويندو.

(3) تدريسي شعبي جو چيئرمين هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبو جوڙيندو، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي

جوابده هوندو.

بورڊ آف استڊيز
Board of Studies

5. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڏار بورڊ آف استڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف استڊيز مشتمل هوندو:

(a) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين؛

(b) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(c) اهڙا يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(d) ٽي ماهر، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، پرووسٽ طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف استڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف استڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) بورڊ آف استڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(a) اڻارٿيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(b) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(c) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽

(d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and Research

6. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو جيڪو مشتمل هوندو:

(a) پرووسٽ، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) ڊينس؛

(c) ٽي يونيورسٽي جا پروفيسرز سواءِ ڊينس جي، بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(d) ٽي يونيورسٽي جا استاد جن کي تحقيق ۾ لياقت ۾ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛ ۽

(e) پروفيسرس اميريٽس.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.

(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اثارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(b) تحقيقي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(c) تحقيق جي شاگردن لاءِ انهن جي ٿيسز جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ سپروائيزرس مقرر ڪرڻ؛

(d) بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور بعد تحقيقي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جا نالا تجويز ڪرڻ؛ ۽

(e) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

7. (1) هڪ سليڪشن بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) صدر جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) بورڊ جو هڪ ميمبر چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(c) ٻه نالیوارا ماڻهو بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا، بشرطيڪ انهن مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نه هوندو؛

(d) پرووسٽ؛

(e) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(f) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرمين.

(2) ايڪس آفيشو ميمبرس کانسواءِ سليڪشن بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(3) سليڪشن بورڊ جو ڪورم چار ميمبر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو به ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن

تي اميدوارن جي چونڊ ۾ سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ ٻين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾ لاڳاپيل مضمون ۾ ٻه ماهر صدر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست تي وقت بہ وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

(6) سليڪشن بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ ٻين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو.

(b) سليڪشن بورڊ موزون ڪيس ۾ سبب رڪارڊ ڪندي بورڊ کي اعليٰ بنيادي پگهار ڏيڻ جي سفارش ڪري سگهي ٿو.

(c) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافتہ شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(d) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو.

(e) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو حل نہ ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

مالیات ۽ منصوبابندي کميٽي
The finance and Planning Committee

8. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ کميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a) چانسيلر، جيڪو چيئرمين هوندو؛

(b) صدر؛

(c) بورڊ جا چار ميمبر، جن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه فائونڈيشن جا نامزد ڪيل هوندا؛

(d) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

(2) فنانس ۽ پلاننگ کميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبرس هوندو.

(3) فنانس ۽ پلاننگ کميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) سالياني اڪائونٽ جي استيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ؛

(b) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ؛

(c) بورڊ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي صلاح ڏيڻ؛

(d) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛

(e) استاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ؛

(f) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانون ۾ بيان ڪيل هجن.

9. (1) ڊسيپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:	نظم و ضبط ڪميٽي ۽ ان جا ڪم Discipline Committee and its functions
(a) صدر يا ان جو نامزد ڪيل؛	
(b) پرووسٽ؛	
(c) ٻہ پروفيسر اڪيڈمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛	
(d) هڪ ميمبر فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽	
(e) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج ڪهڙي ٻہ نالي سان هجي جيڪو ميمبر سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.	
(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.	
(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.	
(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:	
(a) اڪيڈمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛ ۽	
(b) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي قانونن ۽ ضابطن موجب سونپيا وڃن.	
10. (1) هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:	الحاق ڪميٽي Affiliation Committee
(a) صدر، جيڪو چيئرمين هوندو؛	
(b) پرووسٽ؛	
(c) بورڊ جو هڪ ميمبر جيڪو بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛	

(d) ٻہ پروفيسر اڪيڈمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن ڪانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻہ سال هوندو.

(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نہ هوندا.

(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار صدر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.